مستقبل کا جنگی میدان غیر متوقع رفتار اور وسعت کے ساتھ بدل رہا ہے۔ جیسا کہ بحرِ ہند میں سیکیورٹی صورتحال بدستور پیچیدہ ہے ہمیں اس بات کا بخوبی ادراک ہے کہ روایتی جنگ اب کثیر الجہتی آپریشنز میں تبدیل ہو چکی ہے۔ مستقبل کو مدِ نظر رکھتے ہوئے ہمیں احساس ہے کہ مستقبل کی جنگیں صرف جنگی ہتھیاروں کی طاقت سے نہیں جیتی جائیں گی بلکہ فتح ان افواج کا مقدر ہو گی جو اعلیٰ فکری بصیرت، ٹیکنالوجی کے اعتبار سے برتر، انفارمیشن آپریشنز کی مہارت اور باہمی ربط جیسی خصوصیات کی حامل ہو گی۔

ٹائپ 054A/P فریگیٹس، ایئر انڈیپنڈنٹ سسٹم کی حامل ہنگور کلاس آبدوزوں، لانگ رینج میری ٹائم پیٹرول جیٹ طیاروں کی پاکستان نیوی میں شمولیت سے ہماری جنگی صلاحیتوں میں مزید اضافہ ہوگا۔ مستقبل کی جنگوں کے تقاضوں کو پورا کرنے کے لیے ہم عصرِ حاضر کی جدید ٹیکنالوجی بشمول آرٹیفیشل انٹیلیجنس سے لیس خودکار نظام، خلائی اور سائبر صلاحیتوں کے حصول کے لیے کوشاں ہیں۔ کثیر الجہتی آپریشنز کو انجام دینے کے لیے ہم اپنے فورس اسٹرکچر اور جنگی منصوبوں کو ترتیب دے رہے ہیں تاکہ مختلف شعبہ جات میں برتری حاصل کی جائے، دشمن کسی جارحیت کی جرأت نہ کرے اور ہماری بحری سالمیت اور میری ٹائم مفادات کی طرف میلی آنکھ سے نہ دیکھ سکے۔ قوم کے لیے میرا پیغام ہے کہ پاکستان نیوی اپنی درخشاں روایات کو زندہ رکھتے ہوئے بحری سرحدوں کے دفاع کے لیے ہر لحہ تیار ہے۔ ہم نہ صرف اپنے دفاع کو ناقابلِ تسخیر بنائیں گے، بلکہ اللہ سبحانہُ و تعالیٰ کی مدد سے سمندر میں دشمن کی کسی بھی جارحیت کو ناکام بنا کر برتری اور نصرت حاصل کریں گے۔

پاکستان نیوی زندہ باد!
پاکستان پائندہ باد!



ائیر چیف مارشل ظہیر احمد بابر سدھو
نشانِ امتیاز (ملٹری)، ہلال جرأت
چیف آف دی ائیر سٹاف
پاکستان ائیر فورس

معرکۂ حق آپریشن بُنیانٌ مَّرصُوص کی پہلی سالگرہ پر میں تمام اہلیانِ وطن بشمول مسلح افواج کے کارکنان کو دشمن کی جارحیت کے خلاف پیشہ ورانہ مہارت اور شجاعت پر خراجِ تحسین پیش کرتا ہوں۔

یقیناً، یہ دن ہماری تاریخ میں ایک اہم سنگ میل ہے۔ دشمن نے پہلگام واقعہ کے بعد پاکستانی قوم کے ناقابلِ تسخیر عزم و حوصلے کو خاطر میں نہ لاتے ہوئے ایک پُرامن ملک کو للکارا۔ بلاشبہ پاک فضائیہ نے دیگر مسلح افواج کے ہمراہ دشمن کو ایسی فیصلہ کن ضرب لگائی جس نے دنیا کو ورطۂ حیرت میں مبتلا کر دیا۔ مجھے فخر ہے کہ بے مثال جرأت، پیشہ ورانہ مہارت اور قربانی کے جذبے سے سرشار پاک فضائیہ نے ہمیشہ کی طرح قائد کے اوجِ کمال کے تصور کو مدِ نظر رکھتے ہوئے عددی برتری رکھنے والے دشمن کو شکست دینے کی سنہری روایت کو برقرار رکھا۔

میرے عزیز ہم وطنو! تاریخ میں پہلی بار پاک فضائیہ نے فل سپیکٹرم آپریشنز کا استعمال کیا جس میں کثیر الجہتی جنگی صلاحیتوں یعنی سپیس، سائبر، الیکٹرانک وار فیئر اور جدید ترین ٹیکنالوجی کا استعمال کیا گیا۔ یہاں یہ بات قابلِ ذکر ہے کہ یہ شاندار فتح پاک فضائیہ کی حالیہ چند برسوں میں جدت پر مبنی کاوشوں کا نتیجہ ہے جو قلیل مدت میں جدید جنگی تقاضوں کے پیشِ نظر خود انحصاری اور مقامیت پروری کی ایک جامع حکمت عملی کے تحت اپنائی گئی۔

اس یادگار دن پر میں آپ کو یقین دلاتا ہوں کہ پاک فضائیہ ملکی دفاع کا ایک اہم ستون ہونے کے ناطے فضائی سرحدوں کی نگرانی کا قومی فریضہ بطریقِ احسن ادا کرتی رہے گی۔ اس موقع پر ہم آپریشن بُنیانٌ مَّرصُوص کے شہداء کو خراجِ تحسین پیش کرتے ہیں جن کی لازوال قربانیوں کی بدولت آج ہم عزت اور وقار کے ساتھ زندہ ہیں۔

اللہ تعالیٰ ہماری کاوشوں کی رہنمائی فرمائے اور ہمیں پاکستان کی فضائی سرحدوں کی حفاظت کرنے کی قوت عطا فرمائے۔ آمین!

پاک فضائیہ زندہ باد!
پاکستان پائندہ باد!













PID (I) 9056-D/25

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 10 مئي 2026ع

پيٽروليم اگهن ۾ واڌ: عوام جي برداشت جو امتحان ڪڏهن ختم ٿيندو؟

ملڪ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ ڪري عام ماڻهوءَ جي زندگي وڌيڪ مشڪل بڻائي وئي آهي. وفاقي حڪومت پاران پيٽرول 14 رپيا 92 پئسا ۽ ڊيزل 15 رپيا مهانگو ڪرڻ ڪانپوءِ پيٽرول جي نئين قيمت 414 رپيا 78 پئسا، جڏهن ته ڊيزل جي قيمت 414 رپيا 58 پئسا مقرر ڪئي وئي آهي. بظاهر اها واڌ رڳو پيٽروليم شين تائين محدود نظر اچي ٿي پر حقيقت ۾ ان جا اثر ملڪي معيشت، واپار، ٽرانسپورٽ ۽ عوام جي زندگيءَ تي پون ٿا. پيٽروليم شين جي اگهن ۾ اضافي سان گڏ هفتيوار مهانگائيءَ جي شرح ۾ 0.79 سيڪڙو اضافو رڪارڊ ٿيو آهي، جڏهن ته ساليانو بنيادن تي مهانگائي 15.16 سيڪڙو تائين پهچي چڪي آهي. اهي انگ اکر رڳو نه آهن پر ملڪ جي ڪروڙين ماڻهن جي تڪليفن، بيچيني ۽ معاشي بحران جي عڪاسي ڪن ٿا. جڏهن پيٽرول مهانگو ٿئي ٿو ته ان سان گڏ ٽرانسپورٽ جو خرچ وڌي وڃي ٿو جنهن جو سڌو اثر خوراڪ، زرعي شين، ڪاروبار ۽ صنعتي پيداوار تي پوي ٿو نتيجي طور هر شيءِ مهانگي ٿي وڃي ٿي ۽ عام ماڻهوءَ جي خريداريءَ جي طاقت گهٽجي وڃي ٿي.

شماريات کاتي موجب گذريل هفتي دوران 22 ضروري شين جا اگهه وڌي ويا آهن. اٽي جي اگهه ۾ 74 رپيا 75 پئسا اضافو رڪارڊ ٿيڻ انتهائي ڳڻتي جوڳو آهي، ڇاڪاڻ ته اٽو ملڪ جي هر گهر جي بنيادي ضرورت آهي. جڏهن عام ماڻهوءَ کان اٽو، کير ۽ گوشت جهڙيون شيون به پري ٿيڻ لڳن ته اهو رڳو معاشي بحران نه پر سماجي بحران پڻ بڻجي وڃي ٿو. مرغيءَ جي گوشت ۾ 48 رپيا 40 پئسا واڌ ظاهر ڪري ٿي ته خوراڪ جي شعبي ۾ بيقابو مهانگائي جاري آهي. ڏهي 4 رپيا، کير 2 رپيا 77 پئسا ۽ گوشت 8 رپيا 3 پئسا في ڪلو مهانگو ٿيڻ سڌي ريت وچولي ۽ غريب طبقي جي بجيٽ تي حملو آهي. اڳ ئي گهٽ آمدني رکندڙ ماڻهو پنهنجن ٻارن لاءِ مناسب خوراڪ مهيا ڪرڻ ۾ ڏکيائيون محسوس ڪري رهيا هئا، هاڻي نئين مهانگائي سندن مشڪلاتن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي. ملڪ جي معيشت جو وڏو دارومدار ٽرانسپورٽ ۽ زرعي آمدنيءَ تي آهي، جڏهن ڊيزل مهانگو ٿئي ٿو ته ان جو اثر زراعت تي وڌيڪ پوي ٿو. ٽريڪٽر، ٽيوب ويل، فصلن جي ڪٽائي ۽ مال برداري سڀ ڊيزل سان ڳنڍيل آهن. اهڙي صورتحال ۾ زرعي پيداوار جي لاڳت وڌندي، جنهن جو نتيجو ايندڙ مهينن ۾ وڌيڪ مهانگائيءَ جي صورت ۾ نڪري سگهي ٿو ٻئي طرف حڪومت جو موقف آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون وڌندڙ قيمتون، آءِ ايم ايف جي شرط ۽ مالي خساري سبب اهڙا فيصلا ڪرڻا پئجي رهيا آهن پر سوال آهي ته آخر انهن پاليسين جو بار هر دفعي رڳو عوام ڪي ڇو ٿو ڀوڳڻو پوي؟ ملڪ ۾ اشرافيه لاءِ سهولتون برقرار آهن پر عام ماڻهوءَ لاءِ زندگي ڏينهون ڏينهن ڏکي بڻجي رهي آهي. عوام کي نه رڳو پيٽرول مهانگو ملي رهيو آهي پر بجلي، گيس خوراڪ ۽ دوائن جا اگهه به مسلسل وڌي رهيا آهن.

حقيقت اها آهي ته جڏهن به پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ٿيندي آهي ته واپاري هٿرادو طور اگهن ۾ ٻيڻ کان ٽيڻ تائين واڌ ڪري ڇڏيندا آهن. جڏهن ته سرڪاري سطح تي قيمتن تي ڪنٽرول ڪرڻ جون دعوائون ته ڪيون وڃن ٿيون پر عملي طور مارڪيٽن ۾ ڪوبه مؤثر نظام نظر نٿو اچي، بلڪ حقيقت اها آهي ته ضلعي ۽ تعلقي سطح تي ڊي سي ۽ اي سي صرف رمضان جي مهيني ۾ هڪ اڌ دڪانن تي ڇاپا هڻي فوٽو سيشن ڪري هليا ويندا آهن. باقي ڏينهن ۾ ته هنن جو مهانگائيءَ سان ڪو سروڪار ئي ناهي هوندو. انهيءَ جو نتيجو اهو آهي جو منافعي خوري وڌي وئي آهي ۽ عوام بيوس نظر اچي رهيو آهي. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت رڳو عارضي قدم کڻڻ بدران ڊگهي مدي واريون معاشي پاليسيون جوڙي ته جيئن عوام کي رليف ملي سگهي. موجوده حالتن ۾ عوام بيان نه پر رليف چاهي ٿو ڇو ته مهانگائيءَ جو مسلسل وڌندڙ بار هاڻي ماڻهن جي برداشت کان ٻاهر ٿيندو پيو وڃي. بهرحال اڃان به وقت آهي: اگر انهيءَ کي روڪڻ جي ڪوشش نه ڪئي وئي ته پوءِ اڳتي هلي اهو اقتدار ڌڻين لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪري سگهي ٿو.

آءِ ايم ايف جي ملندڙ هر قسط سان وڌندڙ مهانگائي!


منظور ڪوسو

ڪجهه سال اڳ، جڏهن اڃا ڪي قدر ذهني آسودگي هئي ته مزاحيه ادب لکيو ويندو هو. ليڪڪ مزاح لکي ماڻهن ۾ مرڪون ورهائيندا هئا. ليڪڪ به هن معاشري جو فرد آهي ۽ بنسبت ٻين جي ڪجهه وڌيڪ ئي حساس ٿئي ٿو سو هاڻي مزاح لکڻ تقريبن گهٽجي ويو آهي، هنن حالتن ۾ مزاح لکڻ ته ائين لڳندو جيئن ڪو چريو قبرستان ۾ ويهي ٺهڪ ڏئي. حليم بروهي سٺو مزاح نگار هو ۽ هن جي وڃڻ کانپوءِ جهڙوڪ مزاح به جولاءِ 2010ع ۾ هن سان گڏ دفن ٿي ويو. ڊاڪٽر عزيز ٽالپر سٺا مزاحيه ڪالم لکندو هو پر اهو به هاڻي نظر نه ٿو اچي. مزاح جي ڳالهه پئي ڪئيسين ته ٻن خبرن کي ملائي نيوز ايڊيٽر هيئن هڪ خبر ناهي هلائي ته "ڊاڪٽر لائق شهر جو نئون ڊاڪٽر مقرر ٿيو آهي ۽ شهرين انتظاميه کان مطالبو ڪيو آهي ته قبرستان جي ايراضي ۾ اضافو ڪيو وڃي." ان ئي قسم جون ٻه خبرون مون نيوز چئنل تي پڙهيون، جنهن کي ملائي هن ريت پڙهي سگهجي ٿو "آءِ ايم ايف پاڪستان لاءِ 1.32 ارب ڊالر جي قسط منظور ڪري ورتي، پيٽرول في لٽر 14.92 روپيا ۽ ڊيزل جي قيمت ۾ في لٽر 15 روپيا واڌ ڪئي وئي." آءِ ايم ايف ڪڏهن به اسان جهڙن ملڪن کي بنا شرطن جي قرض نه ڏيندو آهي، قرض ڏيڻ کان پهرين قرض وصول ڪرڻ جا طريقا ۽ شرط طئي ڪندو آهي، جيئن چوڻي آهي ته "تيل ترن مان نڪرندو آهي" اُن ريت هن قرض جي اوڳاڙي به توهان اسان کان ٿيندي آهي. هاڻي به آءِ ايم ايف 11 شرط عائد ڪيا ۽ جڏهن انهن تي عمل کان مطمئن ٿيو ته پوءِ ايگزيڪيوٽو بورڊ قسط منظور ڪئي. حڪمرانن لاءِ ته اها خوشيءَ جي خبر ٿي سگهي ٿي پر عام ماڻهوءَ لاءِ اها خبر وڌيڪ مهانگائي جو پيغام بڻجي سامهون آئي آهي. اڳي ئي مهانگائي جي چڪيءَ ۾ پسجندڙ ماڻهن جا هن خبر پگهر ڪڍي ڇڏيا. پيٽروليم شين جا اگهه وڌڻ سان هر شيءِ تي مهانگائي پنهنجا پر وڇائي ڇڏيا، آمدني ۾ اضافو نه ٿئي ۽ اگهه وڌندا وڃن ته هن صورتحال کي ماڻهو ڪيئن منهن ڏئي سگهندا؟ وري ظلم اهو ته مهانگائي سان گڏ بيروزگاري به جام هجي ۽ هڪ اهڙو ملڪ جتي نوجوانن جي آدمشماري ڪل آباديءَ جو 65 سيڪڙو هجي، يعني جن جي عمر 30 سالن کان گهٽ هجي، ستم در ستم اِهو ته اهو نوجوان گهٽ پڙهيل لکيل هجي يا اعليٰ تعليم يافته گريجوئيٽ ۽ پوسٽ گريجوئيٽ هجڻ باوجود بيروزگار هجي ۽ مهانگائي به ڏينهون ڏينهن وڌندي وڃي ته اهڙي صورتحال ۾ جيئڻ ڪنهن ڪمال کان گهٽ ناهي. نوجوان ڪنهن ملڪ جو قيمتي اثاثو هوندا آهن پر اسان انهن کي قومي ترقيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ انهن جي صلاحيتن کان فائدو وٺڻ بدران انهن تي بيروزگاري ۽ مهانگائيءَ جهڙيون بلائون ڇڏي انهن کي نفسياتي مريض بڻائي رهيا آهيون. هن عالمي اداري ۾ تقريبن 190 ملڪ شامل آهن، جنهن مان پاڪستان به هڪ آهي، وطن عزيز 1950ع ۾ آءِ ايم ايف ۾ شامل ٿيو. آءِ ايم ايف جو بنيادي مقصد عالمي معيشت کي مستحڪم ڪرڻ ۽ معاشي مشڪلاتن جي شڪار ملڪن جي مدد ڪرڻ آهي پر اسان انهن مقصدن کي عملي طور مڪمل ٿيندي گهٽ ئي ڏٺو آهي. اُلٽو معاشي بحرانن ۾ ورتل ملڪ وڌيڪ مشڪلاتن ۽ دٻاءَ جو شڪار ٿيندي نظر اچن ٿا. جنهن جو هڪ مثال اسان پاڻ آهيون. فيلڊ مارشل ايوب خان 16 مارچ 1965ع تي هن اداري کان پهريون قرض 37.5 ملين ڊالر ورتو ۽ اڄ 61 سال گذرڻ وارا آهن پوءِ به پاڪستان آءِ ايم ايف جي جار مان نڪري ڪين سگهيو ۽ هاڻي خيرن سان اسان 25 کان وڌيڪ قسطون حاصل ڪري چڪا آهيون ۽ ماڻهو بدستور اڳي کان وڌيڪ ڏکيائن جو شڪار آهن. انهن قرضن مان ڪو نفعو نه پنهنجي جاءِ تي پر هن جار ۾ قاتل ماڻهن لاءِ ڏينهون ڏينهن زندگي تنگ ٿيندي پئي وڃي، حڪومت هر شيءِ تي روز نوان ڳرا ٽيڪس مڙهي ماڻهن جو جيئڻ به زهر ڪري ڇڏيو آهي. تازو پيٽروليم ليوي جو مثال اسان جي سامهون آهي. بجيٽ به ويجهو آهي، ضرور تيارين جي مرحلن ۾ هوندي ۽ آءِ ايم ايف به پاڪستان لاءِ 1.32 ارب ڊالر جي قسط منظور ڪري ورتي آهي. آمريڪا ايران جنگ، اسٽريٽ هرمز جو مسئلو جتي هڪ طرف کان ايران جي بندش ته ٻئي طرف کان آمريڪا جي ناڪابندي پر پاڪستاني جهنڊي سان تيل بردار جهاز انهن حالتن ۾ به نهايت پُرامن طريقي سان هن آبي گذرگاهه مان بنا روڪ ٽوڪ جي گذري وڃن ٿا. پاڪستان جي هن خارجه پاليسي يا سفارتڪاري کي تعريف جي نظر سان ڏسي سگهجي ٿو ته هو ٻنهي جهيڙيندڙ ڌرين وٽ قابل قبول ۽ معتبر آهي. هن کان پهريان ٿياڪڙي جو ڪردار افغان جنگ کان ايران تائين جيڪو قطر جو هو سو هاڻي پاڪستان جو آهي پر تنهن هوندي به تيل جا اگهه ڪنٽرول ۾ ڪونه پيا اچن، عالمي منڊي ۾ تيل سستو ٿئي يا مهانگو پر ماڻهو مصيبت ۾ آهن. هر مهيني، هفتي هڪ نئون مني بجيٽ ماڻهن جي مٿي ۾ هنيو وڃي ٿو. عالمي منڊي ۾ تيل جا وڌندڙ اگهه، ڪڏهن آمريڪا ايران جنگ، آخر ڪيستائين مختلف بهانن سان ماڻهن تي مهانگائي جا پهاڙ ڪيرايا ويندا. هاڻي ماڻهو بيزار ٿي چڪا آهن، ڊسجي ته اڳتي هلي اها بيزاري ڪهڙو رنگ ٿي اختيار ڪري.

وچ اوڀر ڏانهن برآمدات وڌائڻ جا موقعا!


ڪاشف اشفاق

وچ اوڀر ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ کي گهٽ ڪرڻ لاءِ پاڪستان ۽ ان جي دوست ملڪن جي سفارتي ڪوشش سبب هاڻي اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي ته جلد ڪو نه ڪو حل نڪري ايندو. ان حوالي سان سڄي دنيا پاڪستان جي ڪردار کي ساراهي رهي آهي، جڏهن ته فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ڪردار کي به وڌي واکاڻ ملي رهي آهي. آمريڪي صدر ٽرمپ وانگر ايران جي سياسي ۽ فوجي قيادت کي به مٿس مڪمل اعتماد حاصل ٿيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ پيدا ٿيل ڇڪتاڻ کي گهٽ ڪرڻ ۾ سندس ايران واري دوري اهم ڪردار ادا ڪيو. ان ڪانسواءِ وچ اوڀر جي ٻين ملڪن، خاص طور تي سعودي عرب، ترڪي، مصر ۽ قطر پنهنجي مستقبل جي دفاعي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي پاڪستان سان، جيڪي دفاعي معاهدا ڪيا آهن يا ويجهي مستقبل ۾ ڪرڻ وارا آهن. تن ۾ به فيلڊ مارشل عاصم منير جو اهم ڪردار نظر اچي ٿو. هن وقت پاڪستان هڪ طرف خطي کي جنگ کان بچائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي ته ٻئي طرف عالمي سطح تي پيدا ٿيل توانائي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ به سرگرم آهي. جيتوڻيڪ پاڪستان اندر به پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ سبب عام ماڻهوءَ جي مشڪلاتن ۾ اضافو ٿيو آهي پر ان باوجود ملڪ ۾ توانائيءَ جي فراهمي مڪمل طور بند نه ٿي آهي. اُلٽو خطي ۾ ڇڪتاڻ ۽ سامونڊي رستن ۾ رڪاوٽن سبب نار ملڪن کي خوراڪ جي کوٽ جهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو جنهن کي گهٽ ڪرڻ ۾ پاڪستان مدد فراهم ڪئي آهي. انهن حالتن مان لڳي ٿو ته ويجهي مستقبل ۾ پاڪستان لاءِ وچ اوڀر سان معاشي ۽ واپاري لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جا سٺا موقعا موجود آهن.

تازو پاڪستان ايران جي وسيلي وچ ايشيا سان واپاري رستن تي مال برداري ۽ ٽرانسپورٽ جو آغاز ڪيو آهي، جڏهن ته ايران لاءِ ڇهن بارڊر پوائنٽن تان ٽرانزٽ ٽريڊ کولڻ جو فيصلو به ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ڏانهن اهم اڳڀرائي سمجهي پئي وڃي. ان ڪانسواءِ ورلڊ بئنڪ پاران پاڪستان کي ڏکڻ ايشيا واري علائقي مان ڪڍي وچ اوڀر ۽ اتر آفريڪا واري گروپ ۾ شامل ڪرڻ وارو قدم به وڏي اهميت رکن ٿا. ورلڊ بئنڪ موجب ان تبديليءَ جو سبب اهو آهي ته پاڪستان جي معيشت سعودي عرب، گڏيل عرب امارتن، ڪويت ۽ قطر جهڙن نار ملڪن سان گهڻي حد تائين ڳنڍيل آهي. پاڪستان ڏانهن ايندڙ پرڏيهي ناڻي توانائيءَ جون درآمدات ۽ مالي سهائتا جو وڏو حصو به انهن ئي ملڪن مان اچي ٿو. ان صورتحال کي ڏسندي لڳي ٿو ته هاڻي پاڪستان کي نار ملڪن کان سيڙپڪاري حاصل ڪرڻ جا وڌيڪ موقعا ملندا. ڇو ته هاڻي پاڪستان کي رڳو ڏکڻ ايشيائي ملڪ طور نه پر وچ ايشيا، نار ۽ عربي سمنڊ کي پاڻ ۾ ڳنڍيندڙ اهم پل طور ڏٺو پيو وڃي. ان سان پاڪستان ۽ چين جي گڏيل منصوبي (سي پيڪ) ۽ ٻين ٽرانزٽ منصوبن جي اهميت به وڌي ويندي. ساڳئي وقت پاڪستان کي هاڻي انهن فنڊنگ ۽ فني سهائتا وارن پروگرامن تائين به رسائي ملي سگهي ٿي، جيڪي خاص طور وچ اوڀر جي ملڪن لاءِ تيار ڪيا ويندا آهن. ان تبديليءَ سان پاڪستان جو سفارتي ۽ معاشي وزن به ڏکڻ ايشيا بدران وچ اوڀر ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندو جتي پاڪستان جا اڳ ئي دفاعي ۽ پائدار لاڳاپا موجود آهن. ياد رهي ته وچ ايشيا جا ملڪ تيل، گئس ۽ معدنيات جهڙن قدرتي وسيلن سان مالا مال آهن ۽ تقريبن 3 سئو 47 ارب ڊالر جي گڏيل معيشت رکندڙ اهو علائقو توانائي، زراعت، ٽيڪسٽائل ۽ معدنيات جي شعبي ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. هاڻي جيئن وچ ايشيا جي ملڪن جي معيشت پنهنجن پراڻن واپاري ساٿين کان هٽي نوان مارڪيٽ ۽ موقعا ڳولي رهي آهي، تيئن پاڪستان لاءِ به هن علائقي سان مضبوط اقتصادي پائيداري قائم ڪرڻ جا نوان در کلي رهيا آهن. هڪ اندازي موجب پاڪستان ايندڙ ڪجهه سالن ۾ وچ ايشيا جي ملڪن سان واپار وڌائي 10 ارب ڊالر تائين وٺي وڃي سگهي ٿو. پر هن وقت حقيقت اها آهي ته پاڪستان ۽ وچ ايشيا وچ ۾ سڌي واپار جي سطح اڃا تمام گهٽ آهي ۽ گهڻو واپار صرف ٽيڪسٽائل، خوراڪ ۽ محدود صنعتي شين تائين محدود آهي، جڏهن ته اصل صلاحيت ان کان گهڻي وڌيڪ موجود آهي.

ٻئي طرف ازبڪستان ۽ قازقستان، جيڪي هن خطي ۾ پاڪستان جا به اهم واپاري پائيدار آهن. انهن سان ٽرانزٽ معاهدن باوجود اڃا تائين واپار ۾ قابل ذڪر واڌ نه ٿي سگهي آهي، جيتوڻيڪ اتي پاڪستاني شين جي مسلسل طلب موجود آهي. وچ اوڀر ۾ هلندڙ تازن ٽڪرارن سبب پيدا ٿيل معاشي غير يقيني صورتحال، عالمي سطح تي توانائيءَ جي قيمتن ۾ ٿيندڙ واڌ توڙي لاٿ، سامونڊي رستن جو بند هئڻ جهڙن رڪاوٽون ۽ مالي مارڪيٽن جي غير مستحڪم حالت سبب حالتون اهو تقاضو ڪن ٿيون ته پاڪستان پنهنجي برآمدي مارڪيٽن کي وڌيڪ وسيع ۽ متنوع بڻائي. اهو ان ڪري به ضروري آهي جو سالن کان چند روايتي مارڪيٽن تي حد کان وڌيڪ ڀاڙڻ پاڪستان جي برآمدي واڌ کي محدود ڪيو آهي ۽ هر وقت بحران جو خطرو برقرار رهي ٿو. انهن حالتن ۾ ڏکڻ ايشيا ۽ وچ ايشيا جي مارڪيٽن ڏانهن برآمدات وڌائڻ لاءِ هڪ جامع ۽ هدف واري حڪمت عملي اختيار ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. پاڪستان وٽ انهن ملڪن لاءِ انجنيئرنگ ۽ صنعتي شين جي برآمد جي وڏي صلاحيت موجود آهي، جنهن ۾ شوگر ملز، سيمينٽ پلانٽس جو سامان، پاڻ، تعميراتي شعبي ۽ بجلي پيدا ڪندڙ صنعتن لاءِ مشينري شامل آهي. پر هن خطي جي واپاري صلاحيت مان پورو فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ٽرانسپورٽ نظام کي بهتر بڻايو وڃي، بينڪنگ نظام کي وڌيڪ وسيع ڪيو وڃي ۽ واپاري سهولتڪاريءَ جا معاهدا ڪيا وڃن.

ايڇ آءِ وي شعوري مهم ۾ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جو تاريخي ڪردار!


عبدالوهاب منشي

هو پنهنجي ذات ۾ هڪ منفرد، بي مثال، بهادر ۽ انسانيت جو درد رکندڙ انسان ته هميشه رهيو آهي پر مون ڪڏهن به ايتري سنجيدگيءَ سان اهو اندازو نه لڳايو هو ته هو سنڌ جي دل، يعني حيدرآباد مان ايچ آءِ وي جهڙي موذي بيماريءَ بابت شعور پيدا ڪرڻ لاءِ عملي ميدان ۾ نڪرندو. بيشڪ اهو عمل پاڻ ۾ حيرت کان گهٽ ناهي. منهنجي جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو سان ويجهڙائيءَ وارن ڏينهن ۾ ملاقات ته ناهي ٿي پر مان پوري يقين سان چوان ٿو ته جيڪا شعوري مهم هن ايچ آءِ وي جهڙي خطرناڪ بيماريءَ خلاف شروع ڪئي آهي، اهڙو ڪم اڄ تائين ڪنهن به سياستدان، سماجي اڳواڻ يا وڏي رضاڪار اداري به نه ڪيو آهي.

ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته دنيا ۾ ڪي جنگيون اهڙيون به ٿينديون آهن جيڪي هٿيارن سان نه پر شعور، آگاهي ۽ انسان دوستيءَ سان وڙهيون وينديون آهن. ايچ آءِ وي جهڙي جان وٺندڙ بيماريءَ خلاف جنگ به انهن جنگين مان هڪ آهي؛ جتي خوف، لاعلمي، سماجي تعصب ۽ خاموشي سڀ کان وڏا دشمن بڻجي ويندا آهن. اهڙي نازڪ وقت ۾ جيڪڏهن ڪو نوجوان اڳتي وڌي سماج ۾ شعور جي شمع روشن ڪري ٿو ته اهو صرف هڪ فرد نه رهندو آهي پر هڪ تحريڪ جي صورت اختيار ڪري وٺندو آهي. سنڌ ۾ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو ايچ آءِ وي شعوري مهم ذريعي اهو ئي ڪردار ادا ڪيو آهي. يقيناً سندس اهو قدم تاريخ ۾ هڪ منفرد ۽ يادگار ڪم طور لکيو ويندو.

اسان جو سماج هن وقت خوف جي ڪيفيت ۾ مبتلا آهي. ماڻهو ڊڄي رهيا آهن، شرمندگي محسوس ڪري رهيا آهن ته ٻڌائين به ڪيئن ته هو ايچ آءِ وي جهڙي بيماريءَ ۾ مبتلا آهن. ٻئي طرف سنڌ حڪومت جي بي ڌياني ۽ لاپرواهي سبب منشيات جهڙي لعنت تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. نوجوان ڳٽڪو، آئس، هيروئن ۽ شراب جي استعمال سبب آهستي آهستي موت ڏانهن وڌي رهيا آهن ۽ اتي ايچ آءِ وي به خاموش موت کان گهٽ ناهي.



اسان جي معاشري ۾ ايچ آءِ وي جو نالو ٻڌندي ئي ماڻهو خوف، نفرت ۽ بدنامي جي احساس ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا، ڇو ته مريضن کي بيماريءَ کان وڌيڪ سماجي رويو ماري ڇڏي ٿو. انهيءَ ڪري ڪيترائي ماڻهو ٽيسٽ ڪرائڻ، علاج وٺڻ يا حقيقت ظاهر ڪرڻ کان به گهبرائين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو پاران عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ، نوجوانن کي شعور ڏيڻ ۽ ايچ آءِ وي بابت سائنسي ۽ طبعي حقيقتن کي عام ڪرڻ هڪ قابل تحسين، فلاحي ۽ تاريخي قدم آهي.

سنڌ جي خاص طور تي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾، ايچ آءِ وي جا وڌندڙ ڪيس هاڻي هڪ سنگين سماجي ۽ طبي مسئلو بڻجي چڪا آهن. ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ نامياري ڊاڪٽر مون کي ٻڌايو ته حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان ۽ ٽنڊو الهيار ضلعن جي ڪيترن ئي ننڍين وڏن ڳوٺن ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهو ايچ آءِ وي ۾ مبتلا آهن. جن جو نه سرڪاري اسپتالن ۾ مناسب علاج ڪيو وڃي ٿو ۽ نه ئي ڪين ٽيسٽن جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٿيون. جڏهن ته سول اسپتال حيدرآباد وٽ جديد ليبارٽري هجڻ باوجود غريب عوام کي مفت ايچ آءِ وي ٽيسٽ جي سهولت فراهم نه پئي ڪئي وڃي.

افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جي رياستي مشينري، سماجي ادارا ۽ سياسي قيادت هن اهم مسئلي تي اها سنجيدگي نه ڏيکاري سگهي آهي، جيڪا وقت جي اهم ضرورت آهي. اهڙي ماحول ۾ جيڪڏهن ڪو نوجوان ميدان ۾ نڪري انسانيت جي خدمت جو جهنڊو بلند ڪري ته اهو يقيناً اميد جي نئين ڪرڻ بڻجي ويندو آهي.

جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جي اها مهم صرف هڪ بيماريءَ خلاف نه پر جهالت، خاموشي ۽ سماجي منافقت خلاف هڪ جدوجهد آهي. هن اهو ثابت ڪيو آهي ته سياست صرف اقتدار جو نالو ناهي پر انسانيت جي خدمت، عوامي شعور ۽ سماجي ذميواريءَ جو ٻيو نالو به ٿي سگهي ٿي. منهنجي خيال ۾ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جو موجوده ڪم ڪنهن وڏي حڪومتي عهدي يا منصب کان به گهڻو وڏو آهي.

ياد رکو ته تاريخ هميشه انهن ماڻهن کي ياد رکندي آهي، جيڪي ڏکين وقتن ۾ خاموش تماشائي بڻجڻ بدران عملي ڪردار ادا ڪندا آهن. ايچ آءِ وي شعوري مهم ۾ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جو ڪردار به هڪ اهڙي مثبت جدوجهد آهي، جنهن کي مستقبل ۾ سنڌ جي سماجي تاريخ جي اهم باب طور ياد رکيو ويندو.

اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته قلمڪار، اديب، صحافي، وڪيل، استاد، ڊاڪٽر ۽ سماجي تنظيمون پڻ هن مهم جو حصو بڻجن ته جيئن ايچ آءِ وي جهڙي حساس مسئلي بابت سماج ۾ شعور پيدا ٿئي، مريضن کي عزت ۽ سهارو ملي ۽ ايندڙ نسل کي هڪ محفوظ ۽ باشعور سماج ڏئي سگهجي، ڇو ته انسانيت جي خدمت ئي اصل سياست، اصل قيادت ۽ اصل عظمت آهي.

جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي هن مهم ذريعي اهو ثابت ڪيو آهي ته جيڪڏهن نوجوان قيادت چاهي ته سماج ۾ مثبت تبديليءَ جي نئين تاريخ رقم ڪري سگهي ٿي. اچو ته اسان سڀ گڏجي اهو عهد ڪريون ته سماج ۾ هن بيماريءَ جي روڪٿام ۽ ايچ آءِ وي جي مريضن جي مدد لاءِ بنا ڪنهن سياسي فرق جي جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جو ساٿ ڏينداسين ۽ سماج ۾ ايچ آءِ وي جهڙي خطرناڪ بيماريءَ خلاف شعور جي نئين شمع روشن ڪنداسين.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

رَاتِ اُونداهِي رِيءَ گهڙِي، مَتان وَسي مِينهَن،
هِڪِڙو پَوءُ ٻيِراهَه جو، ٻيو سَانيَارَان شِينهَن،
شَالَ مَ ڇِڄي نِيهَن، ڳهڙَان گهورِيُو جِندُڙو.

سهڻيءَ جي پيار، پنهنجي محب ميهار سان هڪ رات جي ملاقات واري ماجرا جي لطيف سائين عڪس بندي ڪندي ٻڌائي ٿو ته "رات جي هاڻ اونداهي آهي، درياهه کي پار اڪرڻ لاءِ گهڙو يا دلو به ساڻ ڪونهيس، متان وري مينهَن، بارش پئي وسي، اهڙي اونداهي رات جي ڪري رستي يا واٽ جي خبر نه ٿي پئيس جو سڌو ميهار جي وٿاڻ ڏانهن ويندڙ هجي ۽ ٻئي طرف عشق! جنهن کي لطيف سائين هتي شينهن سان ڀيٽيو آهي، جو ڪنهن کي خاطر ۾ ناهي آڻيندو، هن جي ڪنهن تي فلڪ به ناهي پوندي، ان (عشق) جي دعويٰ ٿي ڪريان، ته پوءِ ڊپ ۾ هورا ڪورا ڇا جي لاءِ پئي ڪريان؟ ان حلت ۾ (دل من هٽن ته وڃان يا ويهان؟) متان ڪٿي منهنجو ميهار سان جڙيل سچي پيار ۾ ڪي ڏار ته پئجي وڃن ۽ ميارون ٿي پوان، تنهن ڪري سڀ پوءُ ۽ پولا لاهي، درياهه ۾ لهي ٿي پوان جي هيءَ جند جان، هي سِر ويو ته پيار تان قربان ٿيو، تيئنهن تان تا ٿيو پر پنهنجي پيار کي ليڪو لائڻ نه ڏيندس!" اها آهي ارادي جي پختگي، پنهنجي ڪيل قول قرار سان سچائي، واعدي جي وفائي (تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

زندگيءَ کي زندگي سمجهي جيئڻ، گذارڻ!



ملل جسڪاڻي

زندگي صرف اها نه آهي جيڪا اسين جيئڻ پيو زندگي اها به آهي جيڪا هي به اکر پڙهندڙ جيئڻ پيا. زندگي اها به آهي جيڪا ٻيا جيئڻ پيا. امير، غريب، فقير، عام ماڻهو، هر ڪو زندگي جيئڻ پيو تحرير صرف اها نه آهي جيڪا اسين لکان يا اوهان پڙهندڙن مان جيڪي جيئڻ لکن جيڪو جيڪو به لکي ٿو، هر ڪو پنهنجي سمجهه مطابق لکي ٿو ان کي سمجهڻ جي ضرورت هوندي آهي جيئڻ دل جي پئي، تيئڻ لکندس. ته ڪو ڇا، ڪو ڇا سمجهندو ڪو خوش ٿيندو ڪو سوچن ۾ ٻڏي ويندو "ڪو"...

ان آخري "ڪو" ۾ جيڪو جيڪو به آهي، اهو سمجهي سگهي ته سمجهي. ته مون کي سندس سوچ لوچ سمجهه جو اندازو آهي ابت "ڪو"، بلڪ "ڪي"، مون کي نه سمجهه ۾ آيا ۽ شايد نه ئي سمجهه ۾ ايندا منهنجي اها حالت. مون اڪيلي جي نه آهي اهڙي ساڳي صورتحال ٻين به گهڻن جي آهي ان صورتحال کي به جيڪو سمجهي سگهي، سو سمجهي ڇو ته ماڻهو ماڻهو جي سوچ پنهنجي، سمجهه پنهنجي، نيت پنهنجي ماڻهن جي صرف دنيا ساڳي آهي هي دنيا، جيڪا پنهنجي آهي ان جو هڪ سچ اهو آهي ته هن دنيا ۾ موجود زمين جيڪا بظاهر ملڪن ۾ ورهايل آهي، اها اصل ۾ هر هڪ جي پنهنجي نه هوندي به هر هڪ جي پنهنجي زمين به آهي زمين ۾ پوکيل فصل باغ باغيچا، سڀ ڪجهه هر هڪ جو پنهنجو نه هوندي به، ان جو پنهنجو به آهي. پر سمجهو ڪي سمجهن اڻ ڄاڻ ڪو نه ڄاڻن جيڪو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندو، اهو دير مدار ڄاڻي سگهندو، جيڪو ڄاڻڻ جي ڪوشش ئي نه ڪندو، اهو اڻڄاڻ ئي رهندو!

صبح وارو پنڌ ڪرڻ منهنجو معمول آهي مون کي حسين ۽ جميل جمالياتي حُسن به ڏسڻو هوندو آهي جيوت جو جاڳو به وٺڻو هوندو آهي پوکيل فصل ۽ باغ به مون کي ڏسڻا هوندا آهن زميندارن (آبادگارن) ۽ هارين جي دلچسپي جو اندازو به ڪرڻو هوندو آهي ماڻهن جو معمول پڻ پسڻو هوندو آهي. اسين صبح سوير ڏسندو آهيان، هاري پنهنجي هاريي واري زمين، زمين ۾ پوکيل فصل ۾ پهتل هوندو آهي اهو سندس پوکيل پوک جي سار لهندو آهي، سنڀال ڪندو آهي، ضروري ڪم ڪار ڪندو آهي سوچيو ته سمجهو، لوچيو ته لهو. دنيا ۾ صرف هاري ئي آهي، جيڪو اڪثر پنهنجي هاريي واري زمين ۾، سندس نئين پوکجندڙ فصل واري زمين ۾ يا پوکيل فصل ۾ هوندو آهي پنهنجي ڪم جي تياري ۾ هوندو آهي يا ڪم ۾ مشغول هوندو آهي پنهنجو جهڙو به سماج آهي تهڙا رشتا ناتا ۽ واسطا آهن اهڙيون ئي ياريون دوستيون آهن پنهنجو ويجهو ۽ پري جو ماحول به ان نسبت سان آهي ان کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. جڏهن عام خاص ماحول کي سمجهنداسين تڏهن زندگيءَ کي سمجهي سگهنداسين جڏهن زندگيءَ کي سمجهي سگهنداسين تڏهن ئي زندگيءَ کي زندگي وانگر جيئي، گذاري سگهنداسين.

فقير قادر بخش بيدل. روهڙيءَ جي ٽڪرين تي روحانيت جو ڦڙڪندڙ جهنڊو


امتياز علي ميمڻ

سنڌ جي ڌرتي هميشه صوفين، درويشن ۽ اولياءَن جي سرزمين رهي آهي جتي محبت، امن ۽ انسانيت جا درس هر دور ۾ ڏنا ويا آهن انهن ئي روشن ڪردارن مان هڪ اهم نالو فقير قادر بخش بيدل جو آهي، جنهن روهڙيءَ جي ٽڪرين تي روحانيت جو اهڙو ته جهنڊو ڦڙڪايو جو اڄ به ماڻهن جي دلين ۾ ايمان ۽ عشق جي روشني پيدا ڪري ٿو.

فقير قادر بخش بيدل جي ولادت سان روهڙي جي ٽڪرين ۾ صوفيائي فڪر جي خوشبوءِ وڌيڪ پکڙجي وئي بيدل سائين جي جنم بابت سندس فرزند فقير محمد محسن بيڪس پنهنجي هڪ فارسي شعر ۾ سن 1231 هجري لکيو آهي بيدل سائين ذات جا قريشي پاتولي ۽ خواجا سڏيا وڃن ٿا. بيدل سائين جي رسالي جي صفحي نمبر 44 تي محترم اختر درگاهي لکي ٿو ته. فقير صاحب جا وڏا تسر جو ڪيڙو اٺڻ ۽ پاتولڪو ڌنڌو ڪندا هئا. جنهن سبب کين 'پاتولي' سڏيو ويندو هو.

بيدل سائين روهڙيءَ جي ٽڪرين تي سادي زندگي، عاجزي ۽ خدا سان عشق جي ذريعي ماڻهن کي سچائي جو سبق سيکاريندا هئا سندس شاعريءَ ۾ عشقِ اِلاهي، وحدت الوجود ۽ انسان دوستيءَ جا پيغام نمايان نظر اچن ٿا.

بيدل سائين جي ڪلام ۾ حرص ۽ لالچ کان پري رهڻ دل جي پاڪيزگي ۽ رب سان سچي محبت جو درس ملي ٿو هن ماڻهن کي اهو سيکاريو ته اصل ڪاميابي مال ۽ دولت ۾ نه پر انسانيت جي خدمت ۽ دل جي سڪون ۾ آهي سندس درگاهه اڄ به عقيدتمندن لاءِ روحاني مرڪز جي حيثيت رکي ٿي، جتي ماڻهو سڪون، دعا ۽ روحاني آسرو حاصل ڪرڻ لاءِ اچن ٿا. بيدل سائين جي فڪر کي سندس شاعريءَ ڪانسواءِ سمجهڻ ڏکيو آهي سندس ڪلام دلين کي نرم ڪري ٿو ۽ انسان کي پنهنجي رب ڏانهن متوجهه ڪري ٿو.

فقير قادر بخش بيدل جو عرس هر سال 14، 15 ۽ 16 ذوالقعد تي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو آهي هن موقعي تي هزارين عقيدتمند درگاهه تي حاضري ڀرڻ لاءِ ايندا آهن درگاهه جي اڳڻ ۾ اُستي فقير جهومندا رهن ٿا ۽ هر طرف 'الله هُو' جون صدائون گونجنديون رهن ٿيون.

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ هر سال 'بيدل ادبي ڪانفرنس'، مشاعرا ۽ راڳ رنگ

اڄوڪو ڏينهن ..... 10 مئي


قاضي محمد صديق موراڻي

قاضي محمد صديق موراڻي پنهنجي دور جو هڪ وڏو عالم، لاثاني حڪيم ۽ قادرالڪلام شاعر هو. سندس جنم 10 مئي 1881ع تي مورو ۾ ٿيو. هن ڪلڪتي ۽ دهليءَ مان طب جون سندون حاصل ڪيون. گلوگڏ ديني مدرسن مان ديني ۽ دنيوي تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. مورو ۽ نواب شاهه ۾ پنهنجا دواخانا کوليائين جتان هزارين مريضن فيض حاصل ڪيو. سندس دوا "اڪسير صديقي" سڄي سنڌ ۾ مشهور هئي. حڪمت سان گڏ هو سنڌي ۽ فارسي ٻوليءَ جو هڪ سٺو شاعر پڻ هو. سندس شاعريءَ ۾ ڪافيون، مولود ۽ مناجاتون شامل آهن هو 1931ع ڌاري ابدي سفر تي روانو ٿي ويو.

شيخ مراد علي ڪاظم

سنڌ جي هن مشهور غزل گو شاعر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1901ع ۾ روهڙيءَ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم روهڙيءَ ۽ خيرپور ميرس مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. ڪيس سنڌي، فارسي، عربي ۽ اردو ٻولين تي چڱو عبور حاصل هو. ٻارهن ورهين جي ننڍڙي ڄمار ۾ شعر چوڻ شروع ڪيائين پهريائين ڪافيون لکيائين. ان بعد هن سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ شاندار غزل لکيا. جوانيءَ واري زماني ۾ لاڙڪاڻي ۽ حيدرآباد جي ادبي محفلن ۾ شرڪت ڪندو هو. عمر جو آخري حصو ڪراچيءَ ۾ گذاريائين جتي پڻ ادب جي آبياري ڪندو رهيو. مولانا غلام محمد گراميءَ پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "ويا سي وينجهار" ۾ هن قادرالڪلام شاعر جي وفات جي تاريخ آڪٽوبر 1954ع لکي آهي جڏهن ته اياز قادريءَ پنهنجي ڪتاب "سنڌي غزل جي اوسر" ۾ 28 سيپٽمبر 1954ع ڄاڻائي آهي.

الهنواز رڪناڻي




سنڌ جي هن مشهور شاعر ۽ نثر نويس جو جنم 10 مئي 1930ع تي دادو ضلعي جي ڳوٺ رڪڻ ۾ محمد عرس ملاح جي گهر ۾ ٿيو پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ۽ سنڌي فائنل پاس ڪري سنڌي استاد مقرر ٿيو ۽ سڄي عمر قوم جي نونهالن کي علم جي زيور سان مالامال ڪندو رهيو 1951ع ڌاري لکڻ جي شروعات ڪيائين پاڻ ڪيترن ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن جو باني، روح روان ۽ ميمبر رهيو جن ۾ بزم طالب المولیٰ (پير بخش ميربحر شاخ)، بزم شعراء بزم نواز رڪناڻي ۽ سنڌ ويلفيئر ۽ ڪلچرل آرگنائيزيشن شامل آهن سندس ڪتابن ۾ "چليون منجهه چلون" (شاعري) "دادو سنڌ جي دل"، "سنڌي ٻولي ۽ جو



سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (سنڌي) ۽ ايم اي (اردو) جون سندون حاصل ڪيون ان کان علاوه ايل ايل بي جي سند به حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ اسڪول جي استاد طور ڪئي اڳتي هلي ڪاليج جي ليڪچرار طور به خدمتون سرانجام ڏنائين 1968ع کان 1978ع تائين پاڪستاني فوج ۾ ڪئپٽن طور ڪم ڪيائين هن ميرپور خاص ۾ لڳ ڀڳ ڏهه سال اعزازي فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ طور به ڪم ڪيو غلام حسين سجاوريءَ 1988ع ۾ "روزاني سوڀ اخبار" جاري ڪئي ۽ لڳ ڀڳ ڏهه سال پاڻ انهيءَ اخبار جي چيف ايڊيٽر طور نميداريون سنڀاليائين سندس لکيل ڪتابن ۾ "اڪر اڪر عشق"، "معراج النبي صلي الله عليه وسلم"، "موتي مٽيادار"، "لواح جامي"، "سوز و ساز جا نغما"، "صحيفه عشق سنڌي"، "اسلامي تصوف" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن عمر جي آخري حصي ۾ قرآن شريف جو ضخيم تفسير لکي پورو ڪيائين هن 16 ڊسمبر 2025ع تي وفات ڪئي.

شاهنواز سوڍر

سنڌ جي هن برک اديب، محقق ۽ لطيف شناس شخصيت جو جنم 10 مئي 1940ع تي ڳوٺ فيض محمد سوڍر تعلقي وارهه ضلعي قمبر شهداد ڪوٽ ۾ ٿيو هن بي اي تائين تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي بعد ۾ هن ايم اي (سنڌي)، ايم اي (بين الاقوامي تعلقات)، بي ايڊ ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيون عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين اڳتي هلي تعليم کاتي ۾ "سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري پروفيسر جي عهدي تائين پهتو هن ڪجهه ڪهاڻيون پڻ لکيون سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "شاهه عبداللطيف ڀٽائي"، "سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف" ۽ "اوجاڳي اجاريا" شامل آهن هن 15 مارچ 2003ع تي هيءُ جهان ڇڏيو.



محمد يوسف شيخ



اڄ مشهور تعليمي ماهر محمد يوسف شيخ جي پيدائش جو ڏينهن آهي هن تليواري انسان جو جنم 10 مئي 1946ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ آريجا ڦيڙا ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول


مختيار اٽڙ

اسڪول سکر، سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي، پبلڪ اسڪول حيدرآباد، پبلڪ اسڪول گڏاپ، چنيوٽ پبلڪ اسڪول ڪراچي بختاور ڪيڊٽ ڪاليج فار گرلس شهيد بينظيرآباد ۽ ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو شامل آهن هن نئين روشني اسڪولن جي وفاقي سيڪريٽريءَ ۽ هسٽاريڪل سوسائٽي لاڙڪاڻي ضلعي جي چيئرمين طور به خدمتون سرانجام ڏنيون 2018ع واري نگران حڪومت ۾ وفاقي وزير رهيو. سندس تعليمي خدمتن جي مڃتا طور کيس پاڪستان سرڪار پاران ستاره امتياز جي تمغي سان نوازيو ويو هن املهه ماڻڪ انسان 3 ڊسمبر 2020ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

حافظ شاهه ناطق حسيني


اڄوڪي ڏينهن اسان کي سنڌ جي مشهور شاعر ۽ نثر نويس مرحوم حافظ شاهه حسينيءَ جي ياد ڏياري ٿو. جنهن جو جنم ٽنڊي محمد خان ضلعي جي مشهور ڳوٺ ٽکڙ ۾ ٿيو سندس جنم جي تاريخ 22 فيبروري آهي البت جنم جي سال تي اختلاف آهي خادم حسين چانڊيي پنهنجي "ڪتاب ماروُ جي ملير جا" ۾ هن جي جنم جو سال 1923ع لکيو آهي جڏهن ته اسدالله شاهه اسد ٽکڙائيءَ پنهنجي ڪتاب "تذڪره شعراءِ ٽکڙ" ۾ 1928ع لکيو آهي سندس والد جو نالو سيد الهه بخش شاهه هو. ٽنڊي ڪنڊ جو وڏو عالم ۽ اديب سيد اسدالله شاهه فدا حسيني سندس ڏاڏو هو هن به سال ڪن مشهور شاعر ۽ عالم حافظ دلگير وٽ ديني تعليم حاصل ڪئي اڳتي هلي حيدرآباد اڪيڊمي هاءِ اسڪول ۽ نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ تعليم حاصل ڪري 1951ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين بي اي (آنرس) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪرڻ کان پوءِ ٽنڊي محمد خان ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين حافظ شاهه هڪ ڪامياب وڪيل هئڻ سان گڏوگڏ هڪ ادب دوست انسان هو سندس شاعري ۽ مقالا سنڌ جي ساک وارن ادبي رسالن جي زينت ٿيا سندس سرپرستيءَ ۾ اداره سنڌي ادب ٽنڊي محمد خان پاران ڪيترائي ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا هن ڪجهه ڪتاب ترجمو به ڪيا. جن ۾ "تباهي"، "آئين زندگي" ۽ "داستان غم" شامل آهن سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا مطابق هن تليواري انسان 10 مئي 1974ع تي راهه رباني ورتي جڏهن ته ڊاڪٽر دمحمد ٻڌائڻ سندس وفات جي تاريخ 10 مئي 1964ع



پورائي لاءِ ڪراچي هليو ويو ممبئي وڃي وسايائين پر ممبئيءَ ۾ ڪرڪيٽر ٿيڻ بجاءِ هو هڪ فلمي اداڪار بڻجي ويو هن مشهور فلمي هدايتڪار چيتن آنند جي اسسٽنٽ طور فلمي دنيا ۾ پير پاتو هڪ اداڪار طور سندس پهرين فلم "حقيقت" هئي جيڪا 1964ع ۾ رليز ٿي هن 200 کان وڌيڪ فلمن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. اڪثر فلمن ۾ ولين جو ڪردار ادا ڪيائين سندس مشهور فلمن ۾ دان، قرض، ستي پي ستا، زنجير، رفوچڪر، شان، خون پسينه، شعلي ۽ ٻيون فلمون شامل آهن هن هندي فلمن کان علاوه سنڌي، گجراتي مراٺي، هريانوي، پنجابي ۽ بنگالي فلمن ۾ پڻ ڪم ڪيو هو 10 مئي 2010ع تي زندگيءَ جي اسٽيج تان هميشه لاءِ موڪلائي ويو.

ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي

مشهور محقق، ساهتڪار ۽ صحافيءَ ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهيءَ جو جنم 4 مارچ 1940ع تي جيڪب آباد ۾ ٿيو شروعاتي تعليم جيڪب آباد ۽ ڪشمور مان حاصل ڪيائين ايم اي (سياسيات)، ايم اي (سنڌي) ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هو سنڌي ۽ براهوي ٻولين جو وڏو ماهر هو ان کان علاوه سرائڪي اردو ۽ پنجابي ٻولين ۾ به ليک لکيائين سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "سبيءَ جي ٻولي"، "سنڌي ۽ براهوي ٻوليءَ جو تقابلي جائزو"، "جيڪب آباد جي جاگرافي"، "تعلقي ڳڙهي خيرو جي جاگرافي" ۽ "منڙا ماروڙا" شامل آهن هن 1990ع ۾ سنڌي، براهوي ۽ اردو ٻولين ۾ جيڪب آباد مان هفتيوار اخبار "ڪيرٽر" جاري ڪئي جنهن جو پاڻ ئي چيف ايڊيٽر هو هن تحسين ادب جيڪب آباد جي صدر ۽ گذائي اڪيڊميءَ جي چيئرمين طور پڻ ڪم ڪيو هن 10 مئي 2014ع تي وفات ڪئي.



چندر حلوائي

چندر حلوائي هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ تليوارو ڪلاڪار هو هن جا ڳايل مزاحيه گيت تمام گهڻو مشهور ٿيا هن سريلي سنگيتڪار جو جنم پهرين جنوري 1962ع تي هندستان جي شهر گجرات ۾ ٿيو هن جا وڏا سنڌ جي ساهتي علائقي جا وڏا زميندار هئا هن يارهن درجا پاس ڪيا ۽ پيشي جي لحاظ کان حلوائي هو سندس ناهيل حلوو سڄي گجرات ۾ مشهور هو هن 1986ع ۾ "ڪين جي دنيا" نالي هڪ مزاحيه

